15/80

Date ____

give your best introduction , relevant Poetry and best analytical conclusion on each question

سنڌي ٻوليءَ جون بنيادون، لساني خاصيتون، لهجن جي ورڇ ۽ جديد دور ۾ سنڌي ٻوليءَ کي درپيش "چيلينجز" تي تفصيلي مضمون لکو-

"تفصيلي مضمون"

خاڪو

1. تعارف
2. سنڌي ٻوليءَ جون بنيادون
2.1 سنڌي ٻوليءَ بابت مختلف نظريا:
← سنسڪرت جو نظريو
← سامي نظريو
← دراوڙي نظريو
← اصلوڪي ۽ مستقل نظريو
3. سنڌي ٻوليءَ جون لساني خاصيتون
3.1 جوسٽا آواز
3.2 گرامر جو ڪردار
3.3 حروفِ تهجي ۽ صورتخطي
4. سنڌي ٻوليءَ جا لهجا
5. سنڌي ٻوليءَ کي جديد دور ۾ چيلينج
6. نتيجو

Date ______

## ١. سنڌي ٻوليءَ جون بنيادون

سنڌي ٻولي هڪ قديم ٻولي آهي جنهن جي شروعات نه صرف ڪنهن آزادي کان پوءِ ٿي نه هي ڪنهن عالمي حدودن سان ٿي پر هن جي شروعات ماهرن موجب موهن جي دور کان جنهن کي تقريبن "پنج هزار سال ٿي چڪا آهن"

## سنڌي ٻولي جا مختلف نظريا

الف: **سنسڪرتي نظريو**: ماهرن جو چوڻ آهي ته سنڌي ٻولي جا ڪجهه الفاظ سنسڪرت زبان سان ملن ٿا. جنهن ڪري ڪيس نظريو سنسڪرت سان مليو.

**حامي**: سنسڪرت نظريو نه صرف ڪنهن هڪ ماهر جو پيش نظريو آهي. پر هن جي حامي پريندر "ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ" ۽ "پيرو مل" آهي. انهن ماهرن موجب سنڌي هڪ سنسڪرت جي پيداوار آهي.

**مثال: آواز، لهجا ۽ الفاظ**

سنڌي ٻولي ۾ آواز ۽ الفاظ جو سنسڪرت سان ملڻ هڪ ثبوت آهي.

سنسڪرت
↓
آواز
↓
لهجا
↓
الفاظ
↓
سنڌي ٻولي

ب سامي يا عربي نظريو

**حامي:** سامي نظريي جو اهم علمبردار "ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ" جو آهي، جيڪو اڳتي مقبول نه ٿي سگهيو.

**تنقيدي جائزو:** سامي نظريي جو ميلاپ ايراني يا عربي ادب سان ڪرڻ هڪ وڏو سوال هيو. ڇو جو "ڊاڪٽر نبي بخش" جو ذهني خيال هيو ته سنڌي ٻولي جا هنڌ عرابي، ايراني هنڌن ۾ لڳايا هئا.

**واضح فرق:** سنڌي ٻولي جي گرامر ۾ واضح فرق نظر اچن ٿا جيڪي ڪيسي مثالي فرق پيدائن ٿا نه سنڌي هڪ الڳ زبان آهي سامي نظريه کان.

ب. دراوڙي نظريو

دراوڙي نظريو پيدائي ٿو ته سنڌي ٻولي جي پيشرو "موهن جي دڙي" سان ملي ٿي.

حامي: ڊاڪٽر محبت برڙو

ڊاڪٽر محبت برڙي جو چوڻ آهي ته موهن جي دڙي جا ماڻهون دراوڙا هئا. جنهن ڪري هيس سنڌي ٻولي جو سنڌءِ قدم دراوڙو آهي. اڳتي هلي هن نظريي کي ڀي مقبوليت نه ملي سگهي.

د. سنڌي ٻولي: اصلوڪي ۽ مستقل ٻولي

"مقبوليت وڃندڙ سائنسي نظريو"

حامي: سراج الحق ميمڻ

سراج الحق ميمڻ پنهنجي ڪتاب "سنڌي ٻولي" ۾ هن نظريي بابت لکيو آهي ته، سنڌي ٻولي هڪ انڊو-آرين ٻولي آهي. جيڪي آرين کان اڳ هن ڪنڌ تي موجود هئي.

دراوڙا
↓
موهن جو دڙو
↓
آمرين جو اچڻ
↓
موجود سنڌي ٻولي

# سنڌي ٻوليءَ جون لساني خاصيتون

سنڌي ٻولي نه صرف هڪ سنڌ ۾ مقبول ٿيندڙ ٻولي آهي پر هن جي مقبوليت عالمي ادب سان ملي ٿي. مقبوليت وڌندڙ ڪجهه خاصيتن ۾:

١. **چوسٽا آواز:** سنڌي ٻولي ۾ چار چوسٽا آواز ٻوليءَ جي خوبصورتي وڌائن ٿا.
الفاظ: ڳ، ڄ، ٻ، ڏ

٢. **ٻوليءَ ۾ گرامر جو استعمال:**

سنڌي ٻولي ۾ گرامر جو استعمال ضمير ۽ فعل کي ملائي ٿئي ٿو
مثال: ڏٺو يعني "مون ڏٺو"

PAK COPY HOUSE

Date ________

## ٻوليءَ جي صورتخطي؛

سنڌي ٻولي جي صورتخطي ٻولي جو شان وڌائي ٿي جنهن ۾ '52' حروف سنڌي صورتخطي کي ڪيترن ٻولين جي مائٽ بڻائن ٿا.

## سنڌي ٻولي جا اهم لهجا

سنڌي ٻولي ۾ '6' وڏا اهم لهجا آهن جنهن ۾:

1. لاڙي: سنڌي علائقا ٺٽو، بدين ۽ شاهه جي شاعري جو اهم لهجو
2. اترادي: اتر طرف وارا سنڌ جا علائقا، لاڙڪاڻو، سکر، شڪارپور
3. ٿر: راجستاني اثر وارو لهجو مٺڙو آواز، سنڌي جي عمرڪوٽ آباد علائقن ۾ ملي ٿو: ٿرپارڪر، مٺڙي.
4. ڪوهستاني/ لاسي: جابلو علائقا، جنهن ۾ سنڌ سان ملندڙ بلوچستان وارا علائقا.

Date

5. ڪڇي : ڪڇ جي آبادي وارا علائقا.

6. وچولي : مقبول ادبي ۽ معياري لهجو. سنڌي ادب ۾ وڌ استعمال ٿيندڙ آهيو اهي.

## جديد چئلينجز: سنڌي ٻولي تي اثر

### الف : تعليمي شعور

سنڌ جي اسڪولن ۽ مدرسن ۾ سنڌي ٻولي جو استعمال گهٽ ٿيڻ ڪري سڀ کان وڌ واڌ اثر آهي.

### ب : ٽيڪنالاجي جو اثر

سنڌي ٻولي تي نه صرف تعليمي شعور گهٽ ٿيڻ جي ڪري اثر پيو آهي بلڪه، ٽيڪنالاجي يعني موبائل جو استعمال سنڌي نسل تي وڌو اثر پيدا ڪيو آهي.

### ت : انگريزي ۽ ٻين ٻولين جو اثر

وڌندڙ انگريزي ٻولي

PAK COPY HOUSE

Scanned with CamScanner

Date

۽ ٻين ٻولين جو استعمال ادب، اسڪولن ۽ مدرسن ۾ سنڌي ٻوليءَ تي اثر پيدا ڪري ٿي.

## حڪومتي ترجيح:

غير حاضر سنڌي ٻولي ۾ حڪومتي ترجيح هڪ وڏو اثر پيدا ڪري ٿي

## نتيجو:

سنڌي ٻولي هڪ قديمي ٻولي آهي جنهن جو بنياد اڄ کان تقريبن پنج ڇهه هزار سال اڳ ٿيو. سنڌي ٻولي جون لساني خاصيتون سنڌي ٻولي کي هڪ عالمي رنگ ڏين ٿيون ۽ سنڌي ٻوليءَ ۾ لهجا سنڌو دريا جي وڏي رهائت جي ڪري تاريخ مان پيدا ٿيل آهن. سنڌي ٻولي کي ماڊرن يعني اڄ علم جي دور ۾ چئلينج موجود آهن جيئن سنڌي ٻوليءَ جي استعمال ۾ رڪاوٽ پيدا ڪن ٿيون. انهن ڪري سنڌي ٻولي جا استعمال ۽ حڪومتي اقدام سنڌي ٻولي جو معيار قائم رکي سگهن ٿا.